ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس

# STUDY OF CHARACTERS OF HAMEED SINDHI’S SHORT STORIES

**ABSTRACT**

*Hameed Sindhi is a famous progressive short story writer; he has taken all kinds of Characters for his short stories from Sindhi Society. He has depicted characters of his stories with social and historical background. Central themes of his stories are mostly on patriotism. In this paper I have traced out literary importance of his short stories including basic values on which he has depicted characters of his stories.*

قومن ۽ سماجن جي تهذيبي ترقي، سڌاري ۽ انهن جي حقيقي تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ ان جي سڄاڻ ۽ باشعور طبقي جو اهم ڪردار هوندو آهي. اهو طبقو پنهنجي تاريخي شعور،ڄاڻ، ادراڪ وسيلي سماج جي رهنمائي ڪندو آهي.انهن جي قلم جو موضوع سماج ،تاريخ ،اعلي قدر، روايتون، مثبت ۽ منفي لاڙن کان آگاهي هوندو آهي.سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ اهڙن باشعور ليکڪن جي پيدا ٿيل خال کي جن پرڻ شروع ڪيو انهن مان حميد سنڌي هڪ هو.سندس سڃاڻپ هڪ منتظم،محقق، ايڊيٽر، افسانانگار،نفيس ۽ دردمند دل رکندڙ سنڌ سان محبت ڪندڙ مخلص انسان طور رهي. جنهن نه صرف پنهنجي نالي جي سان سنڌي لکيو بلڪه اهو ثابت ڪيو ته هو واقعي سنڌي هو.ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب حميد سنڌي جي شخصيت ۽ ڪهاڻين جي حوالي سان لکي ٿو”حميد جو پهريون عشق سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان

ئي آهي.هو بي خوف، بي ڊپو ۽ بي پرواهه ليکڪ آهي، حميد سنڌ جون اهي ڪهاڻيون سچاين جي آرسي کي سامهون رکي پوءِ لکيون آهن، سندس انهن ڪهاڻين کي دل جي نظر ۽ احساس جي گهرائيءَ سان پڙهڻ گهرجي.“(الانا، 2016:......) حميد سنڌي ڪهاڻيءَ جي قافلي جو اهم رڪن آهي. سنڌي ترقي پسند ادب ۾ سندس جاري ڪيل رسالو ’روح رهاڻ‘ هڪ تحريڪ جي حيثيت رکي ٿو. آمريت واري دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ جيڪا مزاحمتي تحريڪ هلي رهي هئي، سندس ڪردار رسالي جي ذريعي ۽ گڏجاڻين ۾ زندگي پبليڪيشن جي ذريعي اهم رهيو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند فڪر جي تسلسل کي جاري رکڻ ۾ به سندس اهم ڪردار هو.ورهاڱي کان اڳ ترقي پسند فڪر جي اثر هيٺ لکيل ڪهاڻين جي مجموعي ريگستاني ڦول جو مرتب ۽ ترقي پسند اديب گوبند مالهي لکي ٿو ”مون کي ائين لڳندو آهي ريگستاني ڦول بي اثر نه رهيو،جنهن اديب سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ جي ان پهرين منزل کان اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ منزلن پويان منزلون طئه ڪندو رهي ٿو سو آهي ادب دوست حميد سنڌي.هن ريگستاني ڦول جي مقصد سان نباهيو به آهيۓ ان کي وسعت،اهميت ۽ مقبوليت به بخشي آهي.منهنجي نظر ۾ هو سنڌي عوام جي حسرتن ۽ مسرتن ۽ خواهشن جو عيوضي ڪهاڻي نويس آهي مون کي هو منهنجي ادبي نظريي ،هيئت ۽ مواد جي لحاظ کان ويجهي ۾ ويجهو لڳندو آهي.“(مالهي، 2016: ......) حميد سنڌي جو اسلوب سادو هر احساس ۽ جذبي کي وٹندڙ ٻوليءَ ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪري ٿو.سندس طرز تحرير ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽرعبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو؛”حميد سنڌي ڳالهه کي وزنائتي طرز سان ڪري ٿو ۽ زبان جي لحاظ کان به ڪاميابيءَ جي بلندين کي ڇُهي ٿو.“ (جوڻيجو، 2006: 90)

حميد سنڌي ترقي پسند دؤر جو اهم ليکڪ آهي. سندس مجموعا ”سيمي“ (1958ع)، ”اداس واديون“ (1965ع)، ”ويريون“ (1981ع)، ”راڻا جي رجپوت“ (1984ع)، ”جاڳ به تنهنجي جيءَ سان“ (1996ع)، درد ونديءَ جو ديس (2002ع)، سو مون سڀ ڇمار ۽ تازو سنڌي ادبي بورڊ سندس ڪتاب ”ڪڻ ڪڻ ريت ڪيئي ڪهاڻيون“ نالي سان شايع ڪيو آهي. حميد جي ڪهاڻين ۾ افسانوي رنگ تي حقيقت جو رنگ گهڻو ڇانيل آهي. ڪهاڻين کي ڇڻ زندگيءَ

جو حصو بڻائي لکي ٿو. سندس ٻن مجموعن اداس واديون ۽ ويريون مان سندس ڪهاڻين جي ڪردارن جو اڀياس ڏجي ٿو:

اُداس واديون جو پهريون ايڊيشن زندگي پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو. ٻيو ايڊيشن 1985ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو. ڪل ٻارهن ڪهاڻيون مجموعي ۾ شامل آهن. مهاڳ حميد سنڌي پاڻ لکيو آهي. منهنجي پيڙا منهنجو من جي نالي سان حميد جهان کي اداس وادي سڏي ٿو. اداس واديءَ جي انيڪ ۽ هڪ خدا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: "انهن غمگين ۽ اداس وادين جو خالق هو ئي آهي. هن جن به ڪردارن کي جنم ڏنو آهي، اهي ڪانئس زندگيءَ جو هر سک طلبيندا. جي ڪن سان ناانصافي ٿي آهي ته ڪانئس ئي سُک گهرندا. جي ڪن کي سکن ڏنگيو آهي ته ڪانئس پيڙا جا ڪي ڏنگ طلبيندا. هو هر گهُر تي، هر چاهنا تي ۽ هر تمنا تي هر انهيءَ آس ۽ اميد تي ڦٽڪي اٿندو، چاڪاڻ جو اهي ڪردار ڪيس ڪوڙا ته ڪينهن." (حميد،1985: 12)

تخليقڪار پنهنجي تخليق ڪيل ڪردارن کي پاڻ سنڀالي ٿو. حميد پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن کي پنهنجي ماحول، منظر ۽ سماجي حالتن ۽ نفسياتي لاڙن مطابق پيش ڪري ٿو. هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي"ڪارو رت" نالي سان آهي. موضوع روايتي هوندي ڪردارن جي عمل سبب منفرد آهي. پيروءَ جي زال جنا شيرو کي چاهي ٿي پر شيرو اچانڪ سندس گهر ۾ گهڙي پيروءَ جي سسي لاهي سندس گهر ۾ سمهي پيو. جنان جي اندر ۾ هاڻي ٻيا خيال پيدا ٿيا. پيروءَ جو ڦٿڪندڙ جسم، شيروءَ جو خوفناڪ وجود، نيٺ جنان اهو ساڳيو تيز ڌار وارو اوزار کنيو ۽ شيروءَ جي سسي لاهي ڇڏي. بظاهر ٻه قتل هڪ ئي گهر ۾ پوڙهي مڙس مان جند ڇڏائي جنان شيروءَ کي پنهنجو ڪري ٿي سگهي، پر ڪردار جو ردعمل هن طرح ٿيو. شيروءَ جو وهندڙ رت ڪارو هو. ڪارو رت هڪ اهڙي علامت آهي، جنهن مان وفا، محبت ۽ سچائي ۽ ڪا اميد نٿي ڪري سگهجي. هن محسوس ڪيو ته سندس سهاڳ اجاڙيو ويو آهي. "يادن جي جزيري" ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ پراڻي قصي يا ڳالهه واري رکي ويئي آهي. ڪردارن جي پيشڪش ۽ تاثر جديد ڪهاڻيءَ وارو آهي. حميد سنڌيءَ جون هي شروعاتي ڪهاڻيون آهن. دادا پرسرام، جنهن جون ڳاڙهيون اکيون، ڪڪا وار ۽ پرون جن ۾ شرارت هئي، سو پنهنجي پڇي ويل زال جي

ٻلاند ۾ پنهنجي ٻن نوجوان نياڻين ڪملا ۽ سشيل کي جنسي حوس جو نشانو بڻائيندو رهيو. ٻارن کي جنم ڏنائون، ٻار به ماريا ويا. هڪ آپگهات ڪيو، ٻي پيءُ کي ماري ڪيڏانهن ڀڄي ويئي. ڪهاڻيءَ جو ٻڌائيندڙ مان چاهڻ باوجود ڪا سندن مدد ڪري نه سگهيو. پرسرام جي اکين مان شرارت، بدڪاري مرڻ کان پوءِ به نه ويئي هئي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار ان زماني جي بدڪارين تان پردو کڻندي، رشتن ۾ لڪل وحشتن کي ظاهر ڪن ٿا. ڪهاڻي ”هڪ خواب هڪ حقيقت“ آسام جي ٽڪريءَ تي ٺهيل بنگلي ۾ جنم وٺي ٿي. خواب جي ذريعي اهم حقيقت کي پيش ڪيو ويو آهي. بنگلي جي مالڪ ’اندرا‘ هڪ دردمند ڪردار آهي. بظاهر سندس چتر مان ڪاوڙ ۽ هٺ ظاهر آهي، پر ان ۾ به مقصد آهي. هن جي زندگي ٻين کي ارپيل هئي. ڏکايل انسانن جي مدد ڪرڻ، نياڻين جي عصمت بچائڻ، پاڻ قرباني ڏيئي بکايل، اُجايل ۽ ٻي سهارن کي سهارا ڏيندي الوپ ٿي. ماڻهن سمجهيو ڪنهن سان ڀڄي ويئي آهي، پر هوءَ حُسن ۽ مال کي انهن جي حوالي ڪرڻ سڪي، جن کي ان جي ضرورت هئي. ڪهاڻيءَ ۾ اندرا جي ڪردار کي خواب نما حقيقت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ”واچوڙن ۾ لاٽ“ ڪهاڻي مثبت ۽ Round ڪردار کي پيش ڪري ٿي. رئيس وڏي سدائين هارين، پورهيتن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا، ڪمدار بخشل جي زوريءَ هاري جي خوبصورت ڌيءَ سان شاديءَ ۾ چڪر ۾ نؤ ورنيءَ جي ور جو خون ڪرايائين. هاڻي اهو دؤر پڇاڙيءَ تي پهتو. رئيس ننڍو پيءُ جي وفات بعد معاملا حق ۽ انصاف سان هلائڻ لڳو. ان جي تور ۽ ورچ کان ويندي انهن سان گڏجي ماني کائڻ، محبت سان سندن وچ ۾ صلح قائم ڪرڻ، جنهن جي ور کي سندس پيءُ مارايو، ان نوجوان بيواهه سان شادي ڪري پيءُ جا گناهه به ڌوتائين، ته پنهنجي علم ۽ شعور سان تبديلي به آندائين. حقيقي زندگيءَ ۾ اهڙا واقعا ۽ ڪردار گهٽ هوندا آهن، ڇو ته اڪثر ”جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچ“ واري حالت رهندي آهي، پر حميد ڪردار جو لاڳاپو ڪتابن سان ڏيکاري ڪيس اهڙو بڻايو آهي. صحتمند معاشري جي تعمير لاءِ اهڙن آئيڊيل ڪردارن جي تخليق بيحد ضروري آهي. ”اداس واديون“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي وادي اداس نه پر پيانڪ آهي. گهر وارو گهر ۾ روز سج لهڻ سان هڪ ٻن ماڻهن کي وٺي اچي ٿو. زال سان ڪمري ۾ موڪلي دروازو ورائي چڙهي ٿو. ڏسندي ڏسندي سندس ننڍڙي ڌيءَ کي به ان راهه تي لڳايائين. هڪ زميندار پٽ سميت ايندو هو. ٻئي

ساڳي عورت سان ساڳئي ڪمري ۾ بند ٿي ويا. نيٺ ڏيءُ جو به وارو آيو. رئيس کي پسند اچي ويئي. سودو ڪري، سريت ڪري وهاريائينس. نيٺ شادي ڪيائينس، پر اتي هن رئيس سان گڏ سندس پٽ جي نگاهن کي به پاڻ ۾ چڀندو محسوس ڪيو. رئيس نندي جي نيٺ شادي ٿي. رئيس وڏو، وڏندڙ عمر سبب ننڊون ڪرڻ لڳو. هن جا احساس جاڳيا ٿي. هن جون محسوسات هاڻي نئي شروع ٿيون هيون، پر سندس وادي اداس ٿي چڪي هئي. ڪهاڻي جاگيرداري سماج ۾ رئيس جي عياش ڪردارن، ٽٽل قدرن ۽ عام ڪردارن جي ڪوڪلي ۽ اڌوهي ڪاڌل سوچ، جنهن ۾ هو پنهنجي نشي جي پورائي لاءِ زال ۽ ڌيءَ کي ڪاروبار جي شئي سمجهي مارڪيٽ ۾ ان کي رکن ٿا. حيوانيت کان به هيٺ ڪِريل انسان، زال ڌيءَ جي رشتي ۽ ننگن ۽ عزتن ۽ غيرتن کان خالي ڪردار به هن ڪهاڻيءَ جو حصو آهن. ”سمنڊ ۽ ما“ ڪهاڻيءَ جا ڪردار زوبي ۽ جميل هڪ ٻئي کي چاهين ٿا، پر زوبي جميل سان شادي نٿي ڪري. جميل سلميٰ سان شادي ڪري ٿو ڇڏي. شاديءَ بعد زوبيءَ کي احساس ٿيو. ڪهاڻيءَ ۾ زوبيءَ جو عام سطحي ڪردار پيش ڪيو ويو. محبت جي گهراين کي نه سمجهي سگهي، ان باوجود، جميل ڪيس آخر تائين چاهي ٿو. ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ ڪهاڻيءَ ۾ ٻن پينرن زري ۽ فريءَ جا ڪردار آهن. هڪ ئي نوجوان کي چاهين ٿيون. زري بي رخيءَ سان، فري گهرائيءَ سان. نوجوان زري کي باوجود سندس بي رخي جي چاهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي چاهت ۽ هڪ ٻئي لاءِ تڙپ آهي. آب اجايل تائين نٿو پهچي، جنهنڪري ڪهاڻيءَ جي لکندڙ ”مان“ جي دنيا مرگهه ترشنا بڻجي وڃي ٿي. ”اڌ را“ ڪهاڻيءَ جا ڪردار ۽ حالتون اڄ به ساڳي حالت ۾ آهن. جابلو علائقي ۾ آيل ڏڪار سبب آفيسر متاثرن ۾ نوٽ ورهائيندي پاڻ کي سندن ان داتا سمجهي ٿو، پر سندس سامهون ماڻهن جون دانهون، روئڻ پٽڻ هو، پر هن ٻڌو اڻ ٻڌو پئي ڪيو. هڪ بيمار اهڙو آيو، جنهن جو ٻار بک وگهي مري چڪو هو. گهر واريءَ جي بک ۾ ڇاتي سُڪي ختم ٿي چڪي هئي. صاحب کين پنج رپيا ٿي ڏنا. هنن لاش پيش ڪيو. ماءُ جي ڇاتي ڏيکاري، ڪانئس ڪفن لاءِ پورن پئسن جي طلب ڪئي. اهڙو منظر ڏسي سندس آڪڙ هلي ويئي. کيس محسوس ٿيو ته هو سندن ان داتا ناهي. ڪهاڻيءَ ۾ طبقاتي سماج ۾ بکن ۽ بيمارين ۾ عام انسانن جي دردناڪ حالت کي چٽيو ويو آهي، جيڪو ان وقت جي ترقي پسند

ليڪڪن جي ڪهاڻين جو هڪ اهم موضوع رهيو آهي. ”خوشبوءَ جا گهاوَ“ ۾ پيار ڪندڙ ڪردارن جا معصوم پوتر احساس آهن. ڪين هڪ ٻئي جي خوشبوءِ ۾ گهاون جو احساس آهي.

”ٽڪي جي ٻاٽي“ ڪهاڻي ۾ يتيم ٻارن جي ڪردار جي آهي. سخت گرميءَ ۾ ٻارهن سالن جو مولو گرم ڪوهرن جي ٻاٽي کنيو در در هوڪا ڏيندو ٿي هليو. شمن به يتيم هو. مولوءَ جي ڪوهرن واري هوڪي تي ٻاهر نڪري ڪانئس ٽڪي ۾ ٻاٽي وٺي ڪوهر کٽي وڪڻڻ چاهي ٿو، ڇو ته هن کي به پيءُ ناهي. چاچي جي رحم ڪرم تي آهي، جيڪو هر وقت ڪيس ۽ سندس ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو ٿي رهيو. ڪهاڻيءَ ۾ ننڍڙن يتيم ٻارن جي بيوسي، زماني جون ٺوڪرون ۽ سندن بيواهه مائرن جي درد کي ظاهر ڪيو ويو آهي.حميد وقت ۽ حالتن جي سچائيءَ کي ڪهاڻين جي ذريعي پيش ڪيو آهي، هي ڪردار سندس زندگيءَ جو حصو رهيا سندس همعصر ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو؛ ”مان حميد جي ويجهي دوست جي حيثيت ۾ ان ڳالهه جو شاهد آهيان ته حميد جون سڀ ڪهاڻيون، انهن جا ڪردار ۽ ماحول حميد جي ماضيءَ جو اڻ وسرندڙ حصو آهن،جن کي حميد هميشه لاءِ محفوظ ڪري ۽ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي.“ (عباسي، 2016: ......) هن هن مجموعي جي ”رانديڪو“ ڪهاڻيءَ جو مرڪز ٻه ڪردار آهن، چاچو حسين ۽ چاچو نصير – محبت ڪندڙ ۽ ايماندار ۽ ڳالهين جا ڳهير ۽ اصول پرست – سندن پڪوڙا مشهور هئا. نصير جي شادي ٿيل هئي، پر حسين جي نه، ائين عمر چڙهي ويئي هيس. اڄ نصير جي پٽن جي شاديءَ تي حسين روئي ويٺو. پنهنجي جوانيءَ جا جيڪي ماڻهن جي سامهون عشقيه قصا ٻڌائيندو هو، اڄ پاءُ جي سامهون روئي اعتراف ڪيائين ته، ”اڙي پر نصير بولي هئي ڪٿي، بولي ته نه هئي، نه آهي. اڙي منهنجو ڪير به ڪونه . . . اڙي. . .“ ( حميد، 1985: 157)

ڪردار جيڪو ظاهر ۾ ڏاڍا خوش نظر اچن ٿا، اندران جهريل هوندا آهن. سندن زندگي ڪنهن اونهي درد ۾ ٻڏل هوندي آهي. ظاهري سطح ڏسي ڪو به سندن درد جي گهرائيءَ جو اندازو لڳائي نٿو سگهي.آغا سليم حميد جي ڪهاڻين جي ان نڪتي کي هن طرح بيان ڪيو آهي ؛”حميد جي ڪهاڻين ۾ جنهن ڳالهه سڀ

ڪان وڌيڪ منهنجو ڌيان ڇڪايو اها وقت جي بي رحميءَ جو غمناڪ ۽ ڏکوئيندڙ احساس آهي.“ (آغا، 2016: .....)

حميد سنڌيءَ جو 1980ع واري ڏهاڪي جو ٻيو اهم مجموعو ”ويريون“ جي نالي سان آهي. هي مجموعو زندگي پبليڪيشن حيدرآباد طرفان 1980ع ۾ شايع ٿيو. ڪُل چوڏهن ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي 1975ع تائين جي دؤر جي مختلف رسالن روح رهاڻ، سهڻي، هلچل، مهراڻ ۽ باک وغيره ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. هي حميد سنڌيءَ جو ٽيون مجموعو آهي. هن مجموعي ۾ حميد جا پنهنجا پيش لفظ ”اٽاوا پنڌ اٽاوا لاڙ“ جي عنوان سان لکيل آهي ۽ سندس تعارف ماهتاب محبوب لکيو آهي. حميد پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن سان لاڳاپي ۽ سندن دردن کي پنهنجو درد سمجهندي لکي ٿو ته: ”منهنجي حياتيءَ جا ويهه سال، حياتي به اها جنهن ۾ انهن ڪهاڻين جي ڪردارن سان گڏ گهاريو اٿم، سندن ڏکن مون کي ماريو آهي. سندن خوشين مون کي جياريو آهي. سندن حياتي منهنجي حياتيءَ کان ڪنهن به طرح مختلف نه آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي هر ڪهاڻي سنڌ جي ڪهاڻي آهي ۽ ان جو هر ڪردار سنڌ جي معاشري سان واسطو رکندڙ آهي ۽ مان به انهن وانگر هن معاشري جو اهڙو فرد آهيان، جيڪو ڪڏهن پريءَ ۾ ته ڪڏهن پاڪر ۾.“ (حميد، 1980: ........)ڪردارن کان ڪو به ڪهاڻيڪار الڳ ٿي ناهي سگهيو. حميد به انهيءَ حقيقت جو اعتراف ڪري ٿو. پنهنجي ڪردارن جي ڪنهن نه ڪنهن جذبي، احساس، عمل ۽ ردعمل ذريعي ڪهاڻيڪار پنهنجي اندر جي احساس کي ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. ماهتاب محبوب حميد جي باري ۾ ۽ سندس ڪهاڻين جي انداز بابت لکي ٿي: ”هڪ هوشمند حساس انسان وانگر حميد وٽ سوچ جي گهرائي آهي. سطحي سوچن ۽ سستن جذبن جو هن جي سچاڻ ذهن ۾ ڪو گذر ناهي. جذبن جي سچائيءَ سان لکندو آهي. ڪنهن کي آئيڊيل بنائي فنڪار جو فنڪار سان ذهن ٽڪرائي لکڻ جي محتاجيءَ کان بنهه آجو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ڪهاڻي سنئين سڌي سمجهه ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجي. پنهنجا خيال فلسفياڻي انداز ۽ زوريءَ ٺنبڻ بدران ڪردارن جي زباني ادا ڪرائجن.“ (ماهتاب، 1980: 11)

حميد سنڌي زندگيءَ جي جنهن به پهلوءَ کي ڪڍي ٿو ان کي نهايت پراثر انداز ۾ پيش ڪري ٿو. هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ”ويريون“ آهي. ڪهاڻيءَ

جي اهم ڪردار رئيس گل محمد جي وڏي حويليءَ زمينداري ۽ ڪاروبار آهي. خاندان وڏو هوندي به گڏ آهي. منجهن وچوٿيون، ويريون ناهن. ان جي وفات بعد ويريون وڌڻ لڳيون. حويلي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. ڏيڍي گهٽيءَ ۾ تبديل ٿي ويئي. نفرت جي حويلي ڪَرَ ڪٽڻ لڳي. ويڳي ۽ سڳي جا فرق ظاهرٿيڻ لڳا. عالمي جنگ بعد دنيا ۾ ڏڪار منهن ڪڍيو. هي ماڻهو به بکن ۽ بيمارين ۾ پاهه ٿيڻ لڳا. شمس الدين ويريون ڊاهڻ لاءِ تيشي هٿ ۾ کنئي، پر ويريون ڊاهندي پاڻ ڍهي پيو. ڪهاڻيءَ ۾ خاندانن اندر محبت ۽ صلح واري ماحول بعد پيدا ٿيندڙ وچوٿين ۽ نفرتن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. نتيجو صرف بربادي ئي ڏيکاريل آهي. اڪيلو فرد ويريون ختم نٿو ڪري سگهي.

”ڏوپار“ ڪهاڻيءَ ۾ يتيم پائٽي ۽ پائٽين تي چاچي جا ظلم آهن. باشا اتي ڏڪر جو ماهر، عمر ۽ قد ۾ ننڍو، پڪو نشاني باز. شمعدان جو شيشو هڪ ڏڪ سان ٽوڙي ويندو هو، جنهن ڪري کيس ڏوپار چيو ويندو هو. چاچي جي سخت مارڪٽ ڪرڻ کان پوءِ سندس اندر ۾ بغاوت جي اهڙي باهه پڙڪي جو هڪ ڏينهن نشانو وٺي جو اٿيءَ کي ڏڪ هنيائين ته سڌو وڃي چاچس جي دون ۾ لڳي. بولاٽي کائي ڪِريو، رت ٿينديون ڪري وهڻ لڳو. ڪهاڻيءَ ۾ ظلم، ڏاڍ ۽ بي حسيءَ جي انتها کان پوءِ بغاوت کي ڏيکاريو ويو آهي. هيءَ سماج جي حقيقت رهي آهي جو پيءُ جي وفات بعد اولاد جيڪڏهن ننڍو آهي يا نياڻيون آهن ته اهي زماني جي ٺوڪرن ۾ اچي ٿيون وڃن.

”روشن اونداهه“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي عمل ذريعي ڪرٽي ۽ پرٽيءَ واري چوٽي سچ ثابت ڪئي ويئي آهي. علي خان جنهن جي تر ۾ هاڪ هئي، ٻانهون ڪٽائڻ ۽ ورائڻ، ورايل ٻانهون راتيون پاڻ وٽ رهائڻ، شراب ڪباب سندس مشغلا هئا. ٻه نوجوان ڏيئرون گهر ۾ ويٺي وهي چڙهي رهيون هيون ۽ پاڻ ڏيئرن کان ننڍي زال پرڻجي آيو هو. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو سندس ڏيءَ ريشان، سندس ئي نوڪر جاڙي خان سان گهران نڪري ڀڳي، جن کي جهنگ ۾ ئي گولين جو ٻَک ٻڌايو ويو. ڳالهه ۽ واقعو جاگيرداريءَ نظام ۾ عورت سان ٿيندڙ ناانصافيءَ تي ٻڌل آهي. هتي واقعو ڪجهه مختلف آهي، پرايون عورتون ڀڄائيندڙ، اغوا ڪرائيندڙ پنهنجين کي ڀڄڻ لاءِ ڄڻ دعوت ڏيئي رهيو آهي. اڄ جي مڃيل حقيقت آهي ته سماج ۾ بلڪل ائين ٿيندو رهيو آهي. ڪردار جي

زندگيءَ جي اونداهه بلڪل روشن آهي. ”جهيڻ“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف عورت جي پيار ۾ بيوسي، جيئن ريحانه اسڪول ۾ ڪنهن ٻئي کي چاهيندي هئي، هاڻي ڪنهن ٻئي کي چاهڻ لڳي. رستي ويندي رات جي اونداهيءَ ۾ گاڏيءَ مان پيٽرول ختم ٿيڻ سبب اونداهيءَ ۾ هن کي پيلن جو جوڙو مليو. مرد پيٽرول وٺڻ ويو. سندس زال جهيڻي هن ساڻ روح رچنديون ڪرڻ لڳي. هي به ڪيس چاهڻ لڳو، پر بعد ۾ ڪيس پتو پيو ته هي پيشيور هئا. سندن اهوئي گذر هو. ڪيس پنهنجي ريحانه ياد اچڻ لڳي. ڪهاڻيءَ ۾ عورت جا روپ، انداز ۽ پيار ۽ جسم جي آڇ، عورت تي پروسو ڪرڻ ۽ سندس ويساهه گهاتيءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ”ست پٽيتي“ ڪهاڻيءَ ۾ پٽن جي اولاد تي ماءُ جو فخر ۽ وڏائي ۽ انهن سان حد کان وڌيڪ محبت ۽ ان جي نتيجي کي پيش ڪيو ويو آهي. پاڳل کي ست پٽ هئا، جن تي گهور ويندي هئي، پر چوڪرا چڻ شيطان هئا. پيءُ، پٽن جي اهڙي حالت ڏسي نشي ۾ پناهه ورتي ۽ مري ويو. آخر ۾ ماءُ سان اها جُٽ ڪيائون جو اها به کين بددعائون ڏيڻ لڳي ۽ کين مارڻ لڳي ۽ ائين اهڙي درد ۾ پڇرندي پوري ٿي ويئي. ٻئي پاسي سندس ڏير جي ڌيءُ عائشه سندس خدمت چاڪري ڪندي رهندي هئي. ڪهاڻيءَ ۾ اولاد جي اجائي خوشامد، نياڻيءَ جي اولاد کان نفرت، براين ۾ به پٽن کي چڙواڳ ڇڏڻ جي صورت ۾ نتيجا پيش ڪيا ويا آهن. ”جنت“ ڪهاڻيءَ ۾ جنت جي ڪردار ذريعي عورت کي گهر ۾ خانداني برتريءَ جي ڪري ويهاري ڇڏڻ ۽ سندس ڪردار ۾ پيدا ٿيندڙ خرابين کي پيش ڪيو ويو آهي. هڪ اهڙي باهه ٿي پڙڪي، جيڪا وجودن کي ساڙي ڇڏيندي آهي. ”احساس جي منزل“ ٻن محبت ڪندڙ ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پاڻ ۾ شادي نه ڪري سگهيا، پر روشن جي محبت شاديءَ بعد به پريتم سان برقرار رهي. ڪيس گناهه جو احساس ٿئي ٿو، پر هوءَ پيار ڪري رهي هئي. ڪردارن کي ڪڏهن همسفر ساٿيءَ وٽان اها موٽ نه ملندي آهي ته هو پنهنجي ماضيءَ جي پيچرن تي پيار جا پاچا ڳولي وٺندو آهي. ”پري پيو پنپور“ ڪهاڻيءَ ۾ ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مزدور جي گهر واري شاني جڏهن بيواهه ٿي ۽ اکين جي نور کان به محروم ٿي ويئي ته دنيا جون حوس پريون نگاهون منجهس چيڻ لڳيون. سندس ماس پٽيو ويو. ڪيس اهو نظارو ياد آيو، جڏهن پاڻ خونخوار ڪتن جي وچ ۾ هڪي ڪتيءَ کي بيوس ڏٺو هئائين. ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي وحشي پڻي کي ظاهر ڪيو ويو آهي. معصوم ۽ بيوس

ڪردار حد کان وڌيڪ پوڳين ٿا. شاني کي به محسوس ٿيو ته شايد پنيور پُري پيو آهي. تهذيب ۽ انسانيت ختم ٿي چڪي آهي.

”ٽڪنبو“ ڪهاڻيءَ جو ڪردار سليم عورت جي عشق ۾ ٻڌل آهي. زري ڪيس ڇڏي ظفر سان شادي ڪري ڇڏي. پاڻ ريشمان جي وجود ۾ پناهه ڳولي ٿو، پر ڪيس نه ملي. پاڻ کي ٽڪنبي ۾ قاتل محسوس ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ عشق محبت جو روايتي موضوع ۽ ڪردار آهن. ”پيار جي ريکا“ پيار جي ريکا کان پڇندڙ ”شمع“ کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هي ڪردار پيار کي دوکو سمجهي پنهنجي نظريي تي قائم رهي ٿو. شمع کي مظهر، عزيز ۽ نظر چاهيو، پر هن سپني کي ٺڪرائي ڇڏيو. اونداهه ۾ اڪيلائي سندس آجيان ڪئي. هٿن جي ريکا مان پيار جي ريکا کي تيز ڌار سان ڊاهيندي درد محسوس ڪرڻ لڳي. محبت ۽ پيار جو جذبو اٽل حقيقت آهي. نظريا ت کي انا بڻائي حقيقتن کان منهن موڙي نٿو سگهجي. آخر ۾ درد ۽ اڪيلائي ئي آجيان ڪندي. ”دربان“ ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ قائم تاريخي شين جي اهميت ۽ انهن ذريعي پنهنجي شناخت ۽ بقا کي ظاهر ڪيو ويو آهي. حويليءَ جي دروازي وٽ وڏي ڪجي بيٺل آهي، جنهن کي دربان چيو وڃي ٿو. ان ڪجيءَ جي بيهڪ، قد ۽ دهشت سبب اها ڄڻ واقعي حويليءَ جي دربان هئي. جڏهن ڪيجي ويئي، ڄڻ دربان کي هٽايو ويو. چورن ۽ ڌاڙيلن حملا شروع ڪيا، پر نوجوانن جي عزم، حوصلي ۽ دربان ڪجيءَ جي ٺُڙ مان ڪپيل ڳپلن کي دشمن مٿان ايترو وسايو ويو جو اهي پورا ٿي ويا. ڪهاڻي تاريخ ۽ تهذيب جي اهڃاڻن جي حفاظت ۽ نئين زماني جي فڪر، پاڻ ۾ اتحاد ۽ حوصلي جي فضا کي قائم رکڻ واري مقصد کي ظاهر ڪري ٿي. ”هڪ هرٽيءَ جي ڳالهه“ بظاهر هڪ سڌي ڳالهه جيان محسوس ٿئي ٿي. زميندار جو ننڍپڻ ۾ هڪ پٽيوالي جي پٽ جي هرٽيءَ لاءِ ضد، اڄ سندس پٽ جو هاريءَ جي ٻار جي هرٽيءَ لاءِ ضد هو، پر هاڻي زمانو تبديل ٿي چڪو آهي. اڳ ضد ۾ پاڻ هرٽي ماري ڇڏي هئائين. اڄ هاريءَ جي ٻار ضد ۾ هرٽيءَ کي ماري ڇڏيو. زماني جي تبديلي، اڀرندڙ بغاوت جو علامتي اظهار آهي. ”سونهن ۽ سوپيا“ هيءَ ڪهاڻي عورت جي بيواهه ٿيڻ ۽ بيوس ٿيڻ باوجود وڏو حوصلو پيدا ڪندڙ ڪهاڻي آهي. ترقي ۽ انقلاب وارو اهو فڪر هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي عورت سماج ۾ پنهنجي ڪردار کي پنهنجي هستيءَ کي مڃائي ٿي. رونق مڙس جي مرڻ بعد

مڙس جي پائرن وٽ ويچاري ٿي رهڻ لڳي. مڙس جي خريد ڪري ڏنل چوڙين کان ويندي سندس گهر جي هر قيمتي شئي وڪامي ويئي. مٽ مائٽ، عزيز پاڙيسري مڙس جي مرتيي کان پوءِ ايڪيهاه چاليها ڪري ڪائيندا ڪوڙيون همدرديون ڏيکاريندا هليا ويا. نيٺ هڪ ڏينهن ڪيس نياڻيءَ سميت پئي جي حوالي ٿيڻ لاءِ چيو ويو، پر هوءَ ان کان اڳ گهران نڪري هلي ويئي. سلائي، پورهيو محنت ڪري ڌيءُ کي ڊاڪٽر ڪيائين. زندگيءَ ۾ بيوسي ۽ محڪوميءَ کي مات ڏنائين. هڪ آئيڊيل ڪردار واري سگهه ۽ حوصلو هن ۾ موجود آهي. زماني جا سطحي ۽ ڪوڙا ڪردار به پيش ڪيا ويا آهن. ”نوٽ ڏرتي“ ڪهاڻيءَ ۾ ”مِينهائي مست“ ۽ مومل جا اهم ڪردار. مِينهائي مست جنهن جو اصل نالو پريل هو، هڪ يتيم پار پر مِينهن لاءِ جڏهن به صدا هڻي ”هڻ ڪو مولا هڻ ڪو گوڏي جيڏو“ ته ابر ۾ اهاءُ ٿيندي دير نه ٿيندي هئي. سندس محبوب مومل ۾ به اهڙي ڪرامت جاڳي. ڪرداري ڪهاڻيءَ ۾ پريل مان مِينهائي مست ڪيترائي مينهن وسايا. جڏهن مومل کي ڪانئس جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته پرو صفا مست ٿي ويو. هوش حواس وڃائي بددعا ڏنائين. مسلسل سوڪهڙو رهيو. نيٺ ڌرتيءَ کي مومل ۽ مِينهائي مست رت جو دان ڏيئي وري وسايو. ڪهاڻي ڪردار جي انفراديت، سندس سماج ۾ خاص اهميت ۽ سچائپ کي ظاهر ڪري ٿي. ڌرتيءَ سان محبت ۽ رت جي دان سان آباد ڪرڻ جي ڳالهه به ڪهاڻيءَ ۾ شامل آهي، پر مست ڪردارن يا دعائن جي ذريعي تبديلي ناهي آئي، ان لاءِ عمل ۽ جدوجهد ۽ رٿابنديءَ جي ضرورت آهي. سنڌي ڪهاڻين ۾ هيستائين اهڙن مستن کي ڪوڙو، ڍونگي، مڪار ۽ مفاد پرست ظاهر ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ”مِينهائي مست“ کي سچو ۽ پهتل ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن جي صدا سان برسات وسي ٿي ۽ رُڪجي ٿي.

حميد سنڌي ڪهاڻين ۾ سماج جي عام حقيقتن سان گڏ تاريخ پڻ پيش ڪيو آهي.سندس ڪهاڻي لڳي لڳي واءُ ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ شهيد ٿيندڙ ڪردار ۽ ان جي خاندان جي درد ڪٿا سان گڏ اهڙين حالتن ۾ پيدا ٿيندڙ منفي سوچ ۽ مفاد پرستي کي به پيش ڪيو ويو آهي. ڪردارن جي درد ۽ پيڙا کي روح جي پاتال ۾ لهي نه صرف پاڻ محسوس ڪري ٿو پر پڙهندڙ کي به محسوس ڪرائي ٿو. سندس مشهور ڪهاڻي مرين ته آرهڙ ۾ مرجان ۾ سنڌ جي اصلوڪن رهواسين جي پاڻ ۾ ميٺ محبت واري ماحول ،سندن لڏ پلاڻ ۽ دادا

موتيرام جي آخري حسرت خاڪ سنڌوءَ جي حوالي ٿئي ۽ سنڌوءَ ۾ تازي جر بجاءِ گٽرن جي سينواريل پاڻيءَ جهڙين سچاين ۽ تاريخي حقيقتن کي پيش ڪري ٿي.سنڌو درياءَ جي حالت ڇڻ سچي سنڌ جي سچ رج ۽ تباهيءَ جي علامت طور سامهون اچي ٿي.هو جيڪي ڌرتيءَ جا پٽ تڙي پار آهن جيئري ته وطن ورڻ جو موقعو نه مليو مرڻ ڪان پوءِ به سندن خاڪ اجايل ئي رهي.نيٺ رک کي انهن گهٽين واهڻن ۾ اڏايو ويو جن ۾ دادا موتيرام پيدا ٿيو ،کيڏيو ۽ جوان ٿيو.ڪهاڻيڪار اڳتي لاءِ اهڙي وصيت ڪندڙن کي مجبور ٿي چوي ٿو؛ ”هريش بابلا منهنجي پيڻ سيتا کي چئجا ته پراڻ تياڳٽا هجنس ته آرهڙ ۾ تياڳي،سنڌوءَ ۾ ٿورو گهڻو پاڻي آرهڙ ۾ ئي ايندو آهي، چئجانس جڏهن به مري آرهڙ ۾ مري جو سندس هاڻيون وهندڙ سنڌوءَ ۾ لوڙهي سگهون.“ (حميد، 2016: 61) سندس ڪهاڻي ”چوري چڏ م چيرين“ ۾ اهڙي حور جي درد ڪٿا آهي جيڪا پريت پاڙڻ لاءِ پنهنجو جنت جهڙو گهر ڇڏي نڪتي ۽ باقي زندگي دوزخ جهڙي سماج ۾ سڙندي رهي.سندس پريتم وڏيرڪي سماج جو حصو هو ڪيس ڇڏي ويو. اهڙي طرح سندس ڪهاڻي ”بابا منهنجو چوزو“ ۾ ليکڪن جي وڏين ٻٽاڪن، سطحي سوچ ۽ ظاهري ڏيکاءَ واري مصنوعي ڪردار کي پيش ڪندي معصوم ٻار جي چوزي سان محبت ذريعي سندن اصليت کي ظاهر ڪيو آهي.

حميد سنڌي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج مان هر قسم جا ڪردار کڻي ٿو. ڪردارن کي مقامي ماحول، سماجي ۽ تاريخي پس منظر سميت پنهنجين ڪهاڻين ۾ پيش ڪري ٿو.

مجموعي طور سندس ڪهاڻين مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا؛

ڪهاڻين ۾ افسانويت تي حقيقت جو رنگ وڌيڪ حاوي آهي

سندس لکڻ جو محور ۽ مرڪز سنڌ آهي،سنڌ جا ڇڱا مٺا،يتيم ٻار،بيواهه عورتون،ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ هند واسين جي ڪردارن کي به پيش ڪري ٿو.محبت، نفرت، خوشي، غم ڪاوڙ ،ڪروڌ ۽ بغاوت سمورا جذبا ۽ احساس سندس ڪهاڻين ۾ واضع ۽ چٽا آهن. هو پڙهندڙ کي ساڳي طرح درد ۽ تڪليف کي محسوس ڪرائڻ جي صلاحيت رکي ٿو.اسلوب جي سادگي ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتي هن وٽ آهي.احساس جي شدت کي اپارڻ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ

آهي.ڪردارن جي نفسيات ۽احساسن۽آسن اميدن ضرورتن کي سمجهي ٿو.هو ڪردارن ۾ فطري زندگيءَ جا سمورا رنگ ڀري ٿو.

## حوالا


آغا سليم، (2016). حميد سنڌي شخصيت ۽ فن (مرتب. نصير مرزا، حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي

الانا غلام علي، (2016). حميد سنڌي فن ۽ شخصيت. (مرتب: نصير مرزا۽حيدرآباد. سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر (2006). سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون) حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

حميد، (2016). حميد سنڌي شخصيت ۽ فن، (مرتب: نصير مرزا) حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد ص 61

حميد، (1980). ويريون (مهاڳ) حيدرآباد سنڌ: زندگي پبليڪيشن حيدرآباد

حميد (1985) اداس واديون، حيدرآباد سنڌ: نيو فيلڊس پبليڪيشن

عباسي تنوير ڊاڪٽر (2016). حميد سنڌي فن ۽ شخصيت. مرتب نصير مرزا حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

مالهي گوبند،(2016). حميد سنڌي فن ۽ شخصيت. (مرتب نصير مرزا، حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

ماهتاب محبوب، (1980). ويريون، (حميد سنڌي)، حيدرآباد سنڌ: زندگي پبليڪيشن حيدرآباد